# شهري

شهري براءِ بهتر ماحول

جنوري کان جون 2022ع


CITIZENS FOR A BETTER ENVIRONMENT

ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته شهرين جو هڪ ننڍڙو طبقو جيڪو شعور رکندو آهي اهو يقينن دنيا کي بدلي سگهي ٿو.
مارگريٽ ميڊ

# چانڊياڻين جي تعليم ضروري ناهي؟


امبر علي ڀائي – حوا فضل







گورنمينٽ ڊگري گرلز ڪاليج نارٿ ناظم آباد ۾ سرفراز احمد ڪرڪيٽ اڪيڊمي (جنهن کي سخي حسن جيم خانه ”ڪاڪا گرائونڊ“ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو) بئي نارٿ ناظم آباد بلاڪ – اين ۾ سٺن ايڪڙن جي ايراضي تي مشتمل پلاٽي واراي پلاٽ ايس ٽي – 7 تي موجود آهن.

اهڙو پلاٽ انهيءَ وقت تڪراري بڻيو، جڏهن هڪ تجارتي اداري ”سرفرازاحمد ڪرڪيٽ اڪيڊمي“ پاران گورنمينٽ گرلز ڪاليج جي شاگردياڻين کي مرڪزي دروازي جي استعمال ڪرڻ کان روڪيو ويو.

اهڙي مسئلي جا تفصيل سوشل ميڊيا تي جاري ڪيا ويا، ۽ ملڪ جي ڪيترن ئي نيوز چينلن ۽ اخبارن انهيءَ مسئلي جو ڌيان ڇڪرايو ۽ ٽيل اهڙي قبضي کي واضع طور تي نشر ۽ شايع ڪيو.

سنڌ اسيمبلي ايم پي اي رابعه اظفر گرلز ڪاليج جي اهڙي معاملي تي شهري – سي بي اي جو ڌيان ڇڪرايو. انهيءَ شهري سي بي اي کي درخواست ڪئي ته اهڙي معاملي جي جاچ ڪري ۽ ڪاليج ۽ ان جي ايراضِي سان لاڳاپيل حقيقتون سامهون آڻين.

پلاٽ جي حقيقتن کي جانچڻ لاءِ شهري سي بي اي پاران ڊپٽي ڪمشنر (سينٽرل) طرفان ۽ گورنمينٽ گرلز ڪاليج نارٿ ناظم آباد جي پرنسپل حسين فاطمه سان رابطو ڪيو. زميني حقيقتن جو تجزيو ڪرڻ لاءِ شهري سي بي اي پاران انهيءَ پالٽ تي پنهنجي هڪ ميمبر کي موڪليو ۽ لاڳاپيل ڪاتن ۾ حقِ معلومات جون درخواستون جمع ڪرايون. هتي اهي حقيقتون ظاهري ڪيون پيون وڃن، جيڪي اسان جي معلومات هيٺ آهن.

ڪي ڊي اي اسڪيم نمبر 2، تيموريه، نارٿ ناظم آباد، سراسري ايراضي 3499 ايڪڙن جو اعلان وزارتِ صحت، حڪومت پاڪستان پاران پنهنجي هڪ ليٽر نمبر: F9 – (G)3/52LS/1 تاريخ 16 جون 1953ع وسيلي جاري ڪئي. ان کان پوءِ بنيادي جمهوريتن، سماجي فلاح ۽ پلاٽي ۽ مقامي حڪومت، اولهه پاڪستان پاران ان

اندريان صفحا


| | |
|---|---|
| برنس گارڊن ۾ شهري – سي بي اي... | 08 |
| غير سرڪاري تنظيمن تي راتاها | 09 |
| ايگري ٽيڪ – سرسبز دنيا جو... | 11 |
| پي اي سي ايچ ايس ۾ رهائشي... | 13 |
| پي اي سي ايچ ايس ۾ وڌيڪ ... | 20 |
| سنڌ مقامي حڪومت | 21 |

شهري

88-R، بلاڪ 2، پي اِي سي ايچ ايس،
ڪراچي 75400، پاڪستان
ٽيليفون/فيڪس: 46 06 53 34-21-92+
E-mail: info@shehri.org
Url: www.shehri.org

ادارتي مشاورت: شهري-سي بي اي ٽيم
ادارتي اسسٽنٽ: حوا فضل

انتظامي ڪميٽي:

چيئرپرسن: سمير حامد ڏودهي
وائس چيئرمين: سليقہ انور
جنرل سيڪريٽري: امبر علي ڀائي
خزانچي: عامره جاويد
ميمبر: دانش آذر زوبي، محمد علي رشيد ۽ انجينئر پرويز صادق

باني ميمبر:

مسٽر خالد ندوي، بيريسٽر قاضي فائز عيسيٰ، حميرا رحمان، دانش آذر زوبي، نويد حسين، بيريسٽر زين شيخ ۽ قيصر بنگالي

شهري اسٽاف:

ڪوآرڊينيٽر: سرور خالد
اسسٽنٽ ڪوآرڊينيٽر: محمد ريحان اشرف
اڪائونٽ ڪنسلٽنٽ: عرفان شاهه
آفيس اسسٽنٽ: محمد طاهر
آفيس بواءِ : خورشيد احمد


قلمڪارن لاءِ هدايتون:

اوهان پڻ ”شهري“ لاءِ لکي سگهو ٿا. هن سلسلي ۾ معلومات لاءِ ”شهري“ جي آفيس سان رابطو قائم ڪريو. ايڊيٽر/ادارتي عملي جو هن خبر نامي ۾ شايع ٿيڻ وارن مضمونن سان متفق هئڻ ضروري نہ آهي.

Production:
SAUDAGAR ENTERPRISES
Web: www.saudagar.com.pk
Ph: 021-34152970
Cell: 0333-2276331

مالي تعاون: فريڊرڪ نومان فائونڊيشن

# پلاٽ




تي نظرثاني ڪئي. ان جو مطلب اهو ٿيو جو انهيءَ ايراضي جو انتظام ۽ حقِ ملڪيت ڪي ڊي اي اٿارٽي وٽ هئي.


ڪي ڊي اي ايراضي جو مالڪ ۽ خودمختيار اجازت ڏيڻ وارو اداروآهي، جڏهن تہ پوري تيموريہ اسڪيم ۾ شهري سهولتن جي سار سنڀال جي ذمياوري ڪي ايم سي جي حوالي آهي. ڪي ڊي اي آرڊر _1957 ع جي تحت تميوريہ ڪي ڊي اي اسڪيم جي ايراضي جو ڪنٽرول لاڳو ڪيو وڃي ٿو.

ايس ٽي_7 بلاڪ اين، نارٿ ناظم آباد جو پلاٽي وارو پلاٽ آهي. ڪي ڊي اي انجينئرنگ کاتي پاران جاري ڪيل تيموريہ اسڪيم جي سائيٽ پلان تاريخ 29 جولاءِ 2003 ع. بحوالو نمبر: /PS CO/252/63، ۾ پلاٽ تي مڪمل طور تي ست ايڪڙ جي پرائمري اسڪول جي حيثيت سان نشاندهي ڪيل آهي.

هن وقت گورنمينٽ ڊگري گرلز ڪاليج ۽ سرفراز احمد ڪرڪيٽ اڪيڊمي ٻئي انهيءَ پلاٽ تي واقع موجود آهن.

ڪاليج ۽ اڪيڊمي سان گڏو گڏ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي انتظام هيٺ هڪ پرائمري اسڪول ۽ ڪي ايم سي ڊپٽي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن جي آفيس پڻ انهيءَ پلاٽ تي موجود آهي.


ايس ٽي_7، بلاڪ اين هڪ پلاٽي واري سمجهي وڃي ٿي، جنهن جي ايراضي 7 ايڪڙ تي مشتمل آهي. ماسٽر پلان ۾ ان کي هڪ پرائمري اسڪول جي لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي. پلاٽ پنجن ئي طرفن کان رهائشي گهرن ۾ واقع




موجود آهي ۽ پلاٽ ۾ اينڊڙ ويندڙن لاءِ ٻه رستا موجود آهن ۽ اهي ٻئي 20 فوٽ ويڪرا آهن. اهي ٻئي رستا رهائشي گهرن نمبر بي_196 ۽ بي_195 ۽ رهائشي گهر نمبر بي_182 ۽ بي_181 جي وچ ۾ واقع موجود آهن. اهي داخل ٿيڻ وارا رستا پلاٽ ايس ٽي_7 جي ٻنهي پاسن تي موجود 50 فوٽ ويڪري ۽ ڪشادي روڊ سان وڃي ملن ٿا ۽ ان کان پوءِ رهائشي گهرن واري علائقن ۾ شامل ٿي وڃن ٿا (Pic A/1)، گهر نمبر بي_196 ۽ گهر نمبر بي_195 جي وچ ۾ موجود داخل ٿيڻ وارو رستو رهائشي گهرن واري علائقن ڏانهن وڃي ٿو ۽ ان کان پوءِ شاهراهِ نعمت الله خان سان وڃي ملي ٿو ۽ گهر نمبر بي_181 ۽ گهر نمبر بي_182 جي وچ ۾ موجود داخل ٿيڻ وارو رستو شاهراهِ اورنگزيب تائين وڃي ٿو، جتي ڪيترائي بس اسٽاپ، تعليمي ادارا ۽ نجي ۽ واپاري دڪان واقع موجود آهن ۽ اتي جهجهي تعداد ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ عوامي سهولتن لاءِ موجود آهي.

## ٻه تڪراري داخلي رستا

1. گهر نمبر بي_196 ۽ بي_195 جي وچ ۾ داخلي رستو هڪ رهائشي گهر جي ناجائز حد دخلي جي ڪري 17 فوٽن تائين ننڍو ٿي چڪو آهي (Pic B_1)، اها گيٽ 50 فوٽ




ويڪري رهائشي روڊ ۾ وڃي کلي ٿي. گيٽ گهر نمبر بي_196 ۽ گهر نمبر: بي _195 جي داخلي ٿنڀن تي تعمير ڪئي وئي آهي.




2. تصوير بي_3 گهٽي مان ورتي وئي آهي، جنهن ۾ ڪاليج جو منظر ڏسي سگهجي ٿو. نظر ايندڙ عمارت ڪاليج جو اڪيڊمي بلاڪ آهي. تصوير ۾ واضح طور تي ڏسي سگهجي ٿو ته ٻنهي گهرن پاران پنهنجون دريون، بالڪونيون، اطرافي ۽ سامهون وارو حصو چوڪرين جي ڪاليج جي اندر کلي ٿو.




3. تصوير بي_5 آڊيٽوريم کي ڏيکاري ٿي، تصوير بي_4 فيڪلٽي جي لاءِ پارڪنگ ايريا کي ڏيکاري ٿي ۽ تصوير بي_6 ۾ گرائونڊ ۽ ڪاليج کي الڳ ڪندڙ لوهو جهنگلو نظر اچي ٿو، جيڪو ٿوري فاصلي تي موجود آهي.












4. تصوير بي_7 ۾ گهر نمبر بي_196 جون دريون ۽ بالڪونيون نظر اچي رهيون آهن. انهيءَ گهر پاران پلاٽ ايس ٽي_7 جي 16 فوٽ ايراضي تي ناجائز حد دخلي طور قبضو ڪيو آهي

۽ پلاٽي واري پلاٽ جي حصي کي پاڻ سان گڏ غير قانوني طور تي شامل ڪيو آهي. بالڪونيون ۽ سي سي ٽي وي ڪمئيرائون سموري ڪاليج جي حدن جي اندر کلن ٿيون. انهيءَ گهر جي پاڻي لاءِ ڪيل بورنگ بہ پلاٽ ايس ٽي_7 جي ايراضي جي اندر ڪيل آهي.




5. تصوير بي_8 ۾ گهر نمبر بي_196، اڪيڊمي بلاڪ، ناريل جي وڻن، بورنگ جي جڳهہ کان نجي رهائش گاهہ ۾ پائيپن ڳانهن وڃي ٿي، جيڪا واضع طور تي ڏسي سگهجي ٿو. جنهن سان صاف طور تي اهو معلوم ٿئي ٿو تہ گرلز ڪاليج کي ڪنهن قسم جي حفاظت، تحفظ ۽ پرائيوسي حاصل ناهي. اسان کي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ هتي رهندڙ ماڻهو ڪاليج جي حدن اندر داخل ٿي ڪري ناريل پٽي ويندا آهن ۽ دعويٰ ڪن ٿا تہ اهي ناريل جا وڻ سندن ملڪيت آهن.

گهر نمبر: بي_182 ۽ بي_181 جي وچ ۾ داخلي رستو اهو داخلي رستو مرڪزي




داخلي رستو تصور ڪيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ اهو 50 فوٽ ويڪري گهٽي، تجارتي علائقو ۽ شاهراهِ اورنگزيب سان وڃي ملي ٿو. انهيءَ شاهراه تي ڪيترا ٻيا اسڪول ۽ تعليمي ادارا پڻ موجود آهن ۽ وڏي انگ ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ بسون موجود آهن، والدين پنهنجين نياڻين کي اهڙي داخلي دروازي وسيلي ڪاليج موڪلڻ تي زور ڏين ٿا.

## پلاٽي وارو پلاٽ ايس ٽي_7 جي اندر موجود داخلي رستو

هتي وڏيڪ ٽي گيٽ آهن جيڪي ڪي ايم سي پرائمري اسڪول، ڪي ايم سي انگلش ميڊيم اسڪول ۽ ڪي ايم سي عمارتن جي رهنمائي ڪن ٿا. اهي گيٽ گهر نمبر اي_383 کان اي _393 جي پٺين جي حدن سان تعمير ٿيل آهن.

## ڪي ايم سي پرائمري اسڪول

گوگل اميج جي مطابق پرائمري اسڪول انهيءَ هنڌ تي 2004 ع کان اڳ کان وٺي ئي موجود آهي. اهو اسڪول رهائشي گهرن جي پٺين سان گڏ تعمير ڪيو ويو هو. ۽ اهو ڇيو ويو هو تہ اسڪول جون پٺيون نہ ڏيون آهن، انهيءَ ڪري ٻارڙن جي حفاظت ۽ پرائيويسي جي حوالي سان


ڪي بہ قدم ناهن ڪنيا ويا. انهيءَ کي اڄ سٺي نموني تصويرون خود ظاهر ڪن ٿيون. اها سموري جڳهہ توجهہ نہ ڏيڻ جو شڪار آهي. اسڪول جو نالو سيد احمد شهيد گرلز اينڊ بوائز اليمينٽري اسڪول آهي. اسڪول جي عمارت گهڻي سوڙهي رکي وئي آهي ۽ ان ۾ ڪوبہ ٻارڙن جي تفريح لاءِ ڪو بہ راندين جو ميدان يا ڪا ٻي ڪابہ سهولت موجود ناهي.



## ڪي ايم سي آفيس

پلاٽ ايس ٽي-7 جي آخري ڪنڊ تي گهر نمبر اي-283 جي پٺ جي حد سان گڏوگڏ ڪي ايم سي جيَ آفيس تعمير ڪئي وئي آهي. جڏهن ته انهيءَ جڳهه جو دورو ڪيو ته اسان کي ظاهر ٿيو ته اها آفيس جي ڪمپائونڊ اندر ٿي نجي خاندان رهائش ڪري رهيا هئا -(Pic_F/4) اسان جي مشاهدي ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي ته اتي ڪا به آفيس قائم ٿيل آهي يا اتي ڪنهن به قسم جو ڪو سرڪار جو ڪو ڪم ٿي رهيو آهي يا ٿيو هجي.

جڏهن ته انهن سمورن معاملن دوران اسان کي سوشل ميڊيا تي نظر آيو ته 8 فيبروري 2022 ع کان پوءِ ايس ٽي-7 جي اندرين پٽين تي پينا فليڪس لڳايو ويو ته (Pic F/1) ڪي ايم سي آفيس جي گيٽ پلاٽ ايس ٽي-7 جي اندرين حصي ۾ موجود آهي (Pic F/2)، ان تي ڪوبه نالو ناهي ۽ نه ئي ڪا به وضاحت ڪيل آهي ته هي گيٽ ڪنهن آفيس ڏانهن رهنمائي ڪري ٿي. تصوير ايف/2، 8 فيبروري 2022 ع تي ورتي وئي.



PIC F/1


PIC F/2


PIC F/3


PIC F/3


PIC F/4



یہ گیٹ بند ہے، یہ مکان نمبر A/283 اور کے ایم سی آفس کے آگے واقع ہے اور مہدی حسن پارک اور رہائشی اسٹریٹ سے ST-7 کے اندر آتا ہے۔

قریب رہنے والے ایک پرانے رہائشی نے بتایا کہ اسے نہیں معلوم کہ یہاں پر کبھی کوئی کے ایم سی ایجوکیشن آفس ہوا کرتا تھا۔

## گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج

ڪاليج 2005 ع ۾ تعمير ڪيو ويو هو. اها رهائشي گهرن نمبر: اي -404 کان اي-414 جي پٺين سان گڏ تعمير ڪئي وئي اهي. سرڪاري ڪاليج جي عمارت جا ٿي بلاڪ آهن.



PIC H/1

## 1. اڪيڊمڪ بلاڪ

اڪيڊمڪ بلاڪ رهائشي گهرجن اي-404 کان اي -414 جي پٺيان جي حد سان گڏ تعمير ڪيو ويو آهي (Pic H/2). ڪاليج جي انهيءَ سيڪشن جي لاءِ داخلي رستو گهر نمبر: بي-196 ۽ بي-195 جي وچ ۾ اچي ٿو. گهر نمبر: بي-196 پلاٽ واري پلاٽ ايس ٽي-7 جي تقريبن 16 فوٽ ايراضي غير قانوني طور تي پنهنجي قبضي هيٺ آندي وئي آهي. پلاٽ ايس ٽي-7 جي سامهون رستو پڻ آهي.



PIC H/2

## 2. آڊيٽوريم

آڊيٽوريم جمنازيم کان اڳيان 7 اڪيڊمڪ بلاڪ جي سامهون موجود آهي. هن وقت اهو استعمال هيٺ ناهي.



PIC H/3

## جمنازيم

جمنازيم جي عمارت هن وقت ڪاليج جي استعمال ۾ ناهي.



PIC H/4

## ڪاڪا گرائونڊ

”سخي حسن جيم خانہ ڪرڪيٽ گرائونڊ ۽ سرفراز احمد ڪرڪيٽ اڪيڊمي“ ڪاڪا گرائونڊ جي نالي سان پڻ مشهور آهن. جيڪو بلاڪ اين ۾ موجود پلاٽي واري پلاٽ ايس ٽي-7 جي ايراضي ڪي ايم سي پرائمري اسڪول، ڪي ايم سي آفيس ۽ گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج سان گڏ ورهائجي ٿو.

راندين جي ميدان کي سرفراز احمد جينالي جي نالي سان هن وقت منسوب ڪيو ويو آهي جڏهن تہ 2017ع ۾ پاڪستان پاران سرفراز احمد جي ڪپتاني ۾ آءِ سي سي چيمپئنز ٽرافي کٽي هئي. ان وقت جي ميئر ڪراچي وسيم اختر سرفراز احمد جي گهر ڪيس مبارڪ ڏيڻ ويو هو، ان موقعي تي هن اهو اعلان ڪيو هو تہ ڪاڪا گرائونڊ کي سرفراز احمد جي نالي سان منسوب ڪيو ويندو ۽ ڪي ايم سي راندين جي ميدان کي عالمي معيار جي ڪرڪيٽ اسٽيڊيم ۾ تبديل ڪيو ويندو. ان کان پوءِ 2017ع ۾ ئي ڪي ايم سي پاران سرفراز احمد ڪرڪيٽ اڪيڊمي جي تعمير جي لاءِ تيار ڪيو (Pic_1)وسيم اختر، سرفراز احمد ۽ چيئرمين ڊي ايم سي سينٽرل ريحان هاشمي پاران پروجيڪٽ جي افتتاحي تقريب ۾ شرڪت ڪئي. ان وقت بہ رانديگرن کي سهولتون ڏيڻ لاءِ ڪرڪيٽ اڪيڊمي ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا تعمير نہ ڪئي وئي هئي. رڳو هڪ واحد ئي تبديلي ٿي هئي تہ بنجر ۽ خشڪ گرائونڊ کي گاهہ جي ميدان ۾ تبديل ٿي ويو هو ۽ هاڻي اهو گرائونڊ ايترئي بنجر ۽ ويران نظر اچي ٿو جيئن اڳ هيو.

## تڪرار

- گرلز ڊگري ڪاليج جي پلاٽ ايس ٽي-1 بلاڪ جي تيار ٿيڻو هو، پر ان جي شڪل بگاڙي ان کي ايس ٽي-7 بلاڪ اين تي منتقل ڪيو ويو. اصل پلاٽ ايس ٽي-1 هاڻي نجي ملڪيت آهي ۽ اتي هڪ پرائيويٽ اسڪول سميت ان جو چڙيا گهر ۽ هڪ ڪيفي قائم ٿيل آهي.
- اهو هڪ پلاٽي وارو پلاٽ آهي، جنهن تي ڪنهن بہ قسم جي واپاري ۽ ڪاروباري سرگرمين جي اجازت نہ ٿي ڏئي سگهجي. ماسٽر پلان اٿارٽي جي مطابق پلاٽ ايس ٽي-7 جي حيثيت متعين ٿيل آهي. لي آئوٽ پلان نمبر پي بي-2/141 ظاهر ڪري ٿو تہ سمورو پلاٽ صرف ۽ صرف پرائمري اسڪول کي سهولتون ڏيڻ جي لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو.
- سرفراز احمد ڪرڪيٽ اڪيڊمي جي مالڪن، پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوٽي ڪپتان جي سئوٽن ۽ انهيءَ علائقي جي رهاڪن کي مفت تربيت مهيا نہ ٿا ڪن. اهي ڪوچن کان ڪرڪيٽ جي تربيت حاصل ڪندڙ خواهشمند شاگردن کان باقائدگيءَ سان فيءِ وصول ڪري رهيا آهن.
- گرلز ڪاليج جي چئني پاسن کان گهيريل رهائشي گهرن جون پٺيون نڌيون آهن، جنهن جو مطلب اهو آهي تہ گرلز ڪاليج جي شاگرديائڻين جي ڪابہ پردي داري ناهي.
- ڪلب کي استعمال ڪندڙ سرفراز احمد ڪرڪيٽ اڪيڊمي کي ڪوبہ قانوني اختيار حاصل ناهي تہ اها طاقت، سياسي دٻاءُ، تعليم ڪاتي جي بدعنوان عناصرن ۽ ٻين غير ذميوار فردن جي نااهلي جي ڪري ان جو ڏاڍائي تحت استعمال ڪرڻ جو ڪيس حق حاصل ناهي.
- ڪي ايم سي آفيس جو ڪمپائونڊ ٽن خانگي رهائشي جڳهين جي طور تي استعمال ٿي رهيو آهي.
- سرفراز احمد ڪرڪيٽ اڪيڊمي جي مالڪن پاران غير قانوني طور تي ڪاليج جي گيٽ تي رڪاوٽون

وڏيون ويون آهن ۽ اهي شاگردياڻين ۽ انهن جي والدين کي مرڪزي گيٽ استعمال ڪرڻ کان روڪيو پيو وڃي.

- شاگردياڻين کي ڪيترن ئي مسئلن سان منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. مثال طور: رجب نالي هڪ شخص ڪاليج جي شاگردياڻين جي وڊيو ٺاهي رهيو هو، جڏهن ڪيس وڊيو ٺاهڻ کان باز رهڻ جو چيو ويو ته انهيءَ ڌمڪيون ڏنيون. اهڙي طرح سان جڏهن ڪاليج جي گرائونڊ تي چوٿين سنڌ ڪاليج گيمز منعقد ٿي رهيون هيون ته نويد الدين نالي هڪ ٻئي شخص پاران ڪاليج جي پرنسپال تي بيهوده لفظن جي بوڇاڙ ڪئي ۽ ڪيس ڌمڪيون ڏنيون. ڪيس سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ هلندي هيٺ آهي ۽ پرنسپال پروفيسر حسين فاطمه جنهن جو بهادريءَ سان مقابلو ڪري رهي آهي. ڪورٽ پاران هڪ انسپيڪشن آرڊر جاري ڪندي هڪڙي آفيسر کي جاچ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي، ان باوجود اڃان تائين عدالت ۾ اهڙي رپورٽ جمع ناهي ڪرائي وئي.

ڪاليج ۾ هن وقت 450 شاگردياڻيون تعليم حاصل ڪري رهيون آهن. اهي اتي تعليم حاصل ڪرڻ وڃن ٿيون پر ڪين تعليم جي بدران اڪيڊمي جي مالڪن پاران ڪين ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون ۽ اڪيڊمي جا مالڪ غنڊا شاگردياڻين متان گندن لفظن جو استعمال ڪندا رهن ٿا ۽ سندن وڊيو پڻ ٺاهيندا رهن ٿا. پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ جتي تعليم ۾ صنفي برابري جي لاءِ جدوجهد جاري آهي، ۽ هڪ ڪروڙ 30 لک ڇوڪريون تعليم کان محروم آهن، هڪ گرلز ڪاليج جي بندش اهڙي صورتحال کي وڌيڪ بگاڙيندي.

اسان مطالبو ڪيون ٿا ته حڪومت کي گرلز ڪاليج جي جڳهه کي تحفظ مهيا ڪرڻ گهرجي ۽ ڇوڪرين جي تعليم جي حفاظت ڪرڻ گهرجي. ڪيس پرائمري اسڪول کي ترقي ڏيارڻ گهرجي ۽ ڪرڪيٽ اڪيڊمي جي پلاٽي واري پلاٽ ايس ٽي-7 ۾ ڪنهن به قسم جي مداخلت کي روڪڻ گهرجي. رانديون جا ميدان اهم آهن، پر گرلز ڪاليج کي ڪنهن به قيمت تي نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي ۽ ان حوالي سان حڪومت ۽ معاشري کي ضروري تحفظ ڏيڻ گهرجي.



# برنس گارڊن ۾ شهري-سي بي اي جي وڻڪاري مهم



روشينن جو شهر ڪراچي سخت گرمي جي اثرن مان گذري رهيو آهي، ماضي ۾ شايد ايتري قدر گرمي جي لهر ڪڏهن به نه آئي. جڏهن ته حڪومت گرمي جي اهڙي شديد اثر کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ننڍا ننڍا قدم کڻي رهي آهي. سول سوسائٽي پاران ان کي پنهنجو مقصد بڻايو ويو آهي ته اهي گرمي جي اهڙي شدت کي ختم ڪرڻ لاءِ اهڙو حل متعارف ڪرائيندي، جنهن جا نتيجا فوري طور تي نڪري سگهن.

شهري-سي بي اي جي "مليـن ٽري تحريڪ" اهڙوئي هڪڙو حل آهي. اڄ تائين اين جي او ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ 20،000 کان وڌيڪ وڻن جا ٻوٽا پوکي چڪي آهي.

اهڙي تحريڪ جي تحت هڪڙي ٻي وڻڪاري جي مهم جو اهتمام ڪيو ويو ۽ شهري-سي بي اي جي ميمبر آمره جاويد پاران برنس روڊ گارڊن ۾ 100 کان وڌيڪ وڻن جا ٻوٽا پوکيا ويا. انهن ٻوٽن ۾ 70 گدامڙي، شهتوت، شريف، انب ۽ ٻه عجوه کجور جا ٻوٽا شامل هئا. شهري جي ميمبر پاران ٻه "ڪورڊيا" نالي هوائي جي ماڳ جي گرم علائقن ۾ وڻن جا ٻوٽا پوکيا ويا. انهيءَ انهن ٻوٽن کي پنهنجي گهر جي باغ ۾ ٻجن وسيلي ڦوٽهڙو ڪرايو ۽ انهن جي ان وقت تائين سار سنڀال ڪئي جيتيسائين اهي وڏا نه ٿا ته اهي پاڻي ۽ گهٽ محنت وسيلي پاڻ ئي وڌي سگهن.

انهن ٻوٽن جي وڻڪاري ڪندي آمره جاويد چيو. "ڪين هتي پوکڻ چئلنج هو، پر انهيءَ نارنگي جي گلن کي ڏسڻ جو انتظار نه ٿي ڪري سگهي، ڇاڪاڻ ته ڪيس وڻن جي واڌ ويجهه لاءِ ڪجهه سالن جي عرصو گهرجي."

ان موقعي تي مشهور مالهي شهباز حسن به موجود هو.

حسن چيو. "هي انب جو ٻوٽو مٽي ۾ ڦٽيو هو ۽ مان ڪيس ختم ٿيڻ نه ٿو ڏسي سگهان، ان ڪري هن وقت تائين مون ان جي سارسنڀال ڪئي ۽ هاڻي مان مطمئن آهيان ته اهي پنهنجي اصل جڳهه تي پهچي چڪو آهي، جت اهو پنهنجي ڀرپور جواني تائين زنده رهي سگهندو."

شهباز حسن چيو. "مان ان لاءِ به خوش آهيان ته ان جو ماڳ برنس گارڊن آهي، جتي منهنجي والد صاحب اهي ڊي جي سائنس ڪاليج ۾ شاگرد هيو، اهو هتي اچي ويهندو هو ۽ ڪتابن جو مطالعو ڪندو هو. ان وقت برنس گارڊن وڻن سان ٿمٽار هوندو هو جهڙوڪ برنس گارڊن هڪڙو گهاٽو ٻيلو هجي." هُن اميد ڪئي ته ائين ئي گهاٽي ساوڪ ٻيهر برنس گارڊن ۾ واپس ٿيندي، جنهن وٽ هاڻي نوان ٻوٽا آيا آهن ۽ جن کي هاڻي وڻ بڻجڻو آهي.

هيڊ گارڊنر شاهد پاران ڊي جي سائوٿ هٿان لڳايل وڻن کي ڏيکاريو. وڻن کي اورنج ۽ ڳاڙهي لائن جي لاءِ رستو تيار ڪرڻ ڪري ڪٽيو ويو آهي.

"اسان 28 کان وڌيڪ وڻن جا ٻوٽا لڳايا آهن ۽ انهن ۾ لڳايل سمورا ٻوٽا واڌ ويجهه ڪري رهيا آهن." گارڊنر پاران وڻن جي شاخ واري پاسي ڏانهن اشارو ڪيو جتي گل ڦٽي رهيا ها.

شهري-سي بي اي جا ريحان اشرف ۽ حوا فضل پڻ ان موقعي تي موجود هئا.

# غير سرڪاري تنظيمن (NGOs) تي راتاها

سلمان علي

هن جديد دور ۾ هر فرد لفظ "NGO" کان تمام گهڻو باخبر آهي، پر تي سگهي ٿو ته ڪجهه اهڙا فرد به هجن جيڪي ان لفظ کان بي خبر هجن. ان ڪري انهن ماڻهن لاءِ NGO جو اصل مطلب ۽ تعريف جي وضاحت ڪرڻ مان تمام ضروري سمجهان ٿو. اين جي او جو لفظ Non_Government Organisation جو مخفف آهي، جنهن کي اردو ٻوليءَ ۾ غير سرڪاري تنظيم چيو وڃي ٿو. تمام اين جي اوز ماڻهن کي سندن آئيني، معاشي، سياسي ۽ سماجي ۽ ثقافتي حقن کان آگاهه ڪرڻ لاءِ جوريون ويندڀون آهن. عالمي بئنڪ جي تعريف جي مطابق اين جي او پرائيويٽ تنظيمون هونديون آهن، جيڪي متاثر ٿيل ماڻهن کي گهٽي کان گهڻو سڪون مهيا ڪرڻ، غريبن جي هر ممڪن مفادن سميت ماحول کي تحفظ مهيا ڪرڻ، بنيادي سماجي خدمتون مها ڪرڻ يا ڪميونٽي ڊيولپمينٽ ۾ ڀرپور حصو وٺڻ لاءِ جدوجهد ڪنديون آهن.

ماضي ۾ ڪيل تحقيق مان ثابت ٿيو آهي ته سموري دنيا ۾ تقريبن هڪ ڪروڙ غير سرڪاري تنظيمن جي خلاف غير حقيقي مفروضن تي مشتمل هڪ اهڙي جنگ مڙهي وئي آهي، مثال طور: پاڪستان جي اڳوڻي حڪومت پاران ڪيترن ئي بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيمن مٿان ڪيترين ئي قسمن جون پابنديون لڳايون ويون آهن. پابنديون لڳائيندي پاڪستان ۾ انهن جون آفيسون بند ڪيون ويون آهن. خاص ڪري پي ٽي آءِ حڪومت پاران انهيءَ بنياد تحت ته اهي تنظيمون غير ملڪي فنڊز وصول ڪري رهيون آهن. دشمن ملڪن جي ايجنڊا کي هٿي وٺرائي رهيون آهن ۽ رياست جي خلاف ڪم ڪري رهيون آهن. جنهن جي نتيجي ۾ غير سرڪاري تنظيمن جي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي آهي.

اسان جي ذريعن جي مطابق عمران خان جي پاران پنهنجي ڪيبينيٽ جي اجلاسن ۾ غير سرڪاري تنظيمن کي ملندڙ غير ملڪي فنڊن جي مسئلي کي اٿاريو ويو ته سندس حڪومت ملڪ ۾ اظهار جي آزادي تي سخت پابنديون مڙهي رهي هئي ۽ سندس خدشن ۾ اضافو ٿي رهيو هو. واضع رهي ته عمران خان 2018ع ۾ اليڪشن کٽڻ کان پوءِ اقتدار ۾ آيو ۽ انهيءَ 18 غير ملڪي اين جي اوز کي پنهنجون آفيسون جلد کان جلد بند ڪرڻ ۽ پاڪستان کي ڇڏ وڃڻ جا حڪم جاري ڪيا هئا. سول سوسائٽي جي فردن جو خيال آهي ته غير سرڪاري تنظيمن کي خاموش ڪرائڻ جي لاءِ عمران خان جي حڪومت جون اهڙيون ڪوششون اصل ۾ مخالفن کي خاموش ڪرائڻ جي وسيع تر منصوبي جو هڪڙو حصو آهي.

سموري دنيا اندر تقريبن هڪ ڪروڙ غير سرڪاري تنظون آهن، جن مان رڳو 25 هزار 35 هزار غير سرڪاري تنظيمون پاڪستان ۾ ڪم ڪري رهيون آهن.

پنجاب ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي غير سرڪاري تنظيمن پاران سموري ملڪ جي هاءِ ڪورٽن ۾ ڪيتريون ئي پٽيشنون داخل ڪري ڇڏيون آهن، جن ۾ عدالت کي گذارش ڪئي وئي آهي ته نئين قانون سازي (اِي اي ڊي ۽ چيريٽي ڪميشن) پاران ڪين سرڪاري آفيسرن جي قدمن هيٺ دٻائي ڇڏيو آهي ۽ سندن سرگرميون ختم ٿي ويون آهن، اهڙا قانون اصل ۾ ڊريڪونين قانون آهن، ڪين معطل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا وڃن.

مان ذاتي طور تي ڪجهه اهڙين تنظيمن کان آگاهه آهيان، جن کي عمران حڪومت پاران مڪمل طور تي بند ڪيو ويو آهي، اهي تنظيمون حقيقت ۾ پنجاب ۽ سنڌ جي ڏورانهن علائقن سميت پوئتي پيل علائقن ۾ موجود غريب ماڻهن کي تعليم سميت مختلف بنيادي سهولتون مهيا ڪري رهيون هيون ۽ آيل آفتن جي وقتن جي خطرن سان منهن ڏيڻ لاءِ معلومات مهيا ڪري رهيون هيون ۽ ٻين اهم ۽ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ سندن مددگار بڻيل هيون.

ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته پاڪستان ۾ انهن بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيمن جون سرگرميون قابلِ تعريف آهن. انهن تنظيمن پاران آفتن جي وقت پوئتي پيل ماڻهن جي مدد ڪئي ۽ ٿرجي علائقن ۾ سوڪهڙي جي موسم ۾ ماڻهن کي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪيو ۽ پاڪستان جي ٻين ڀراڙي وارن علائقن ۾ سماجي خدمتون مهيا ڪيون، انهن اسان جي لاءِ اسڪول قائم ڪيا ۽ سماجي انصاف جي لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ سماجي حدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. پر عمران حڪومت پنهجي مبينه "لڪل ايجنڊا" جي ڪري انهن تنظيمن مٿان هميشهه تنقيد ڪندو رهيو آهي. پر اسان انهن سمورين بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيمن کي قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا، جن هميشه پاسڪتان جي ماڻهن جي مدد ڪئي باوجود ان جي ته سندن ميمبرن جي زندگين لاءِ ڪيترائي خطرن سان منهن ڏيڻو پوندو هو ۽ مقامي آباد انهن کي شڪ جي بنياد تحت ڏسندي هئي.

تازو مون کي اسلام آباد ۾ قائم ٿيل ڪيترين ئي بين الاقوامي غير سرڪاري

تنظيمن ۾ ڪم ڪندڙ ڪجھ دوستن سان ڳالھ ٻولھ جو موقعو مليو. انھن ٻڌايو تہ ھڪ عام مسئلو جنھن سان اسان اڄ ڪلھ منھن ڏئي رھيا آھيون، اُھو اِھو آھي تہ حڪومتي ڪاتا انھن غير ملڪي ميمبرن کي ويزا ۽ اين اوسي جاري ڪرڻ ۾ وڏي سستي جو مظاھرو ڪري رھيا آھن. جيڪڏھن ڪوبہ غير ملڪي ميمبر پاڪستان اچڻ گھري ٿو تہ ان کي ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ ٽن کان چئن مھينن تائين انتظار ڪرڻو پوي ٿو. ڇاڪاڻ تہ انھن جي ويزا ۽ درخواستن جي وزارت داخلا ، پرڏيھي وزارت ۽ ان ڳڻين خفيہ ادارن ۾ جاچ پڙتال ڪئي وڃي ٿي. اھڙي طريقي ڪار جي ڪري بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيمن جا وفد مايوس ٿي ڪري پاڪستان جو دورو نہ ڪرڻ بابت فيصلو ڪن ٿا.

وڏيڪ اھو تہ بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيمن ۾ ڪم ڪندڙ فرد پنھنجي مستقبل جي باري ۾ تمام گھڻو فڪرمند بڻيل آھن. انھن تنظيمن کي ملندڙ غير ملڪي فنڊز ايم او يو جاري ٿيڻ تي دارو مدار رکن ٿا ۽ اھڙي طرح سان انھن جي مستقبل تي تلوار لٽڪندي رھي ٿي. وزارتِ داخلا جي ويب سائيٽ تي مھيا ڪيل ڪاغذن جي لسٽ مان 15 ڪاغذ رجسٽريشن لاءِ ضروري آھن. لسٽ جي گھرجن مطابق بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيم ٽيڪس ريٽرنز، اسٽاف جي تفصيلن، ان جي پنھنجي ملڪ ۾ رجسٽريشن جي تفصيلن، فنڊز جي تفصيلن، لڳاتار فنڊنگ جو ثبوت مھيا ڪرڻ آھن. انھن ڪاغذن کي اقتصادي معاملن جي کاتي ۽ وزارتِ داخلا ۾ جمع ڪرائڻ باوجود ڪيترين ئي بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيون رجسٽريشن جي لاءِ انتظار ڪري رھيون آھن.

مان نھايت ئي ديانتداريءِ سان حڪومت کي ٻڌائڻ گھران ٿو تہ اھي بين الاقوامي غير سرڪاري تنطيمون ماڻھن جي بھتر ڀلائي ۽ استعداد ڪاري ۾ اضافي جي لاءِ حقيقي معنيٰ ۾ ڪم ڪري رھيون آھن ۽ انسانيت جي ڀلائي جي لاءِ آگاھي ۽ شعور کي ھٿي وٺرائي رھيون آھن.

اھي تنظيمون ملڪ جي وڏن سياسي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مدد مھيا ڪنديون آھن. انھيءَ سلسلي ۾ غير سرڪاري تنظيمن جي سھڪار ۽ نيٽ ورڪ ۽ ڪميونٽي تي مشتمل تنظيمن جي گڏيل ڪوشش سان تمام بھتر نتيجا اچڻ شروع ٿيا. غير سرڪاري تنظيمن جي سھڪار سان شرھين کي جمھوريت جي معنيٰ، نمائندگي ۽ ووٽر جي ڪردار جي باري ۾ شعوري آگاھي بيدار ڪئي غير سرڪاري تنظيمون معاشري جي نتيجي خيز قابل ۽ موجود حصو آھن. بنيادي طور تي ھڪ اين جي او جو ڪردار ماڻھن کي تبديلي جي لاءِ تيار ڪري ٿو. اھي ماڻھن کي نفسياتي مسئلن کي منھن ڏيڻ لاءِ تيار ڪنديون آھن ۽ انھن کي جبر ۽ استبداد جي خلاف وڙھڻ جي لاءِ تيار ڪندا آھن. انھن جي ڪردار کان انڪار نہ ٿو ڪري سگھجي.

ان حقيقت کان بہ انڪار نہ ٿو ڪري سگھجي تہ ھتي غير ملڪي طاقتون پنھنجن خفيہ مقصدن جي لاءِ غير سرڪاري تنظيمن کي ھڪڙي ھٿيار طور استعمال ڪيو آھي. جڏھن تہ شرط ۽ ضابطن جي ضرورت ناقابل ترديد آھي. صاف ۽ شفاف قانون ضروري طور تي ٻڌايا وڃن. ملڪ ۾ ڪم ڪندڙ مقامي ۽ غير ملڪي تنظين ٻنھي کي رجسٽرڊ ۽ دستاويزي ھجڻ گھرجي. پر ڪاغذن جي عدم موجودگي کين مڪمل طور تي بند ڪرڻ جو ھڪ بھانو نہ ھجڻ گھرجي.حڪومت ۽ غير سرڪاري تنظيمن کي ملي ڪري رجسٽريشن مڪينزم کي بھتر بڻائڻ ۽ ان ضمن ۾ پاليسين ۽ طريقيڪار کي آسان بڻائڻ لاءِ ڪم ڪرڻ گھرجي.

غير سرڪاري تنظيمن پاران جھڙي طرح سان ضروري خدمتون ڪميونٽي کي مھيا ڪيون پيون وڃن، ان سلسلي ۾ ان جو ڪوبہ مناسب متبادل موجود ناھي. اسان جو سڀ کان وڏيڪ ذھين شھري اھڙي مدد کان ڪانسواءِ اڳتي نہ ٿو وڌي سگھي. ان جي ڪم جي اھميت کي نظر ۾ رکندي حڪومت کي پنھنجي طريقي ڪار کي وڌيڪ شفاف بڻائڻ گھرجي، جڏھن تہ اين جي او جي فنڊز ۽ ان جي پروجيڪٽس بابت جاچ ڪري.

مان حڪومت پاڪستان کي درخواست ڪيان ٿو تہ اھا غير سرڪاري تنظيمن جي لاءِ موافق ماحول مھيا ڪري، ڇاڪاڻ تہ غير سرڪاري تنظيمون حڪومت جي ترقياتي ايجنڊي کي پنھنجي لچڪدار ۽ ھيٺئين سطح تي پنھنجي تجديدي طريقي وسيلي گھٽي اثرائتي ۽ گھٽ لاڳت تي نافذ ڪري سگھي ٿي. غير سرڪاري تنظيون آگاھي پيدا ڪندڙ ادارا آھن، جيڪي سماجي اڻ برابري کي ختم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي ٿا ۽ ان مقصد جي لاءِ اھي پوري قوم کي ھڪ ڇت جي ھيٺان آڻين ٿا ۽ سمورن نسلي ۽ فرقي وراڻي اختلافن کي ختم ڪرڻ لاءِ اڻٿڪ محنت ڪندا ٿا، جنھن جي نتيجي ۾ پاڪستاني عوام جي اندر يڪجھتي ۽ حب الوطني جا جذبا اڀرن ٿا ۽ کين انسانيت سان پيار ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿئي ٿو.


آخر ۾ اسان موجودہ اتحادي حڪومت کي درخواست ڪرڻ گھرون ٿا تہ اھا انھيءَ مسئلي تي ڌيان ڏئي ۽ پاڪستان جي غير رعايت يافتہ طبقي جي ڀلائي جي لاءِ غير ضروري سرڪاري تنظيمن کي ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏئي.

مصنف ھڪ سماجي ۽ سياسي ڪارڪن آھي.

ذريعو: روزاني ”ٽائيمز“

# ايگري ٽيڪ ــ سرسبز دنيا جو مستقبل

مريم سرور




ايگري ٽيڪ هڪڙي اهڙي ٽيڪنالاجي آهي جيڪا مصنوعي ذهانت، آءِ او ٽي، ڊيٽا جو تجربو، روبوٽڪس ۽ ڊرون جو استعمال ڪندي زرعي پيداوار ۾ اضافو آڻي سگهجي ٿو. اقوام متحده جي رپورٽن مطابق 2030ع ” دنيا جي متوقع آبادي 8.5 ميلن فردن تائين وڌي ويندي. ان جو مطلب اهو ٿيو ته عالمي خوراڪ جي ضرورت ۾ پڻ اضافو ٿيندو.

ايگري ٽيڪ وٽ هڪڙو اهڙو طريقي ڪار موجود آهي جيڪو ڪيس، فصلن ۽ پالتو جانورن جي پيداوار ۾ اضافو ڪري ٿو. اهڙي طريقي ڪار ۾ ڊيجيٽل مٽِ جي نقشي سازي، روبوٽ وسيلي فصلن جي ڪٽائي ۽ گاهه وغيره تي ضابطو آڻڻ وغيره شامل آهن. منصنوعي سيارن جي استعما سان مٽي جي نقشي سازي آسان ۽ وڌيڪ اثرائتي ٿي وئي آهي. روبوٽڪ هٿ وسيلي پوڪ ۽ فصلن جي ڪٽائي جي لاءِ پڻ فائدي وارا ثابت ٿيا آهن.

هڪ روبوٽڪ ’ENERGID‘ پاران وڻن مان سنگتري ڪي ٽوڙڻ جي لاءِ هڪ اهڙو روبوٽڪ هٿ تيار ڪيو ويو آهي جيڪو ٽن سيڪنڊن ۾ هڪ فروٽ کي ٽوڙي ٿو. وڌيڪ ائين ته زرعي ايراضي تي ڊرون جي استعمال وسيلي وڏن علائقن جي وڊيو ۽ تصويرون حاصل ڪري سگهجن ٿيون، جنهن وسيلي ٻني جي حالت جو صحيح اندازو لڳائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.



هر سال جراثيم مار دوائن جي زيادو استعمال ۽ جڙي ٻوٽين جي ڪري فصل تباهه ٿيندا. ڊاڪٽر سليم ايڊيروم پنهنجي ٽيم سان گڏ نيورل نيٽ ورڪس ۽ ڊيپ لرننگ کي استعمال ڪندي هڪ اهڙي ٽيڪنالاجي تخليق ڪئي آهي جيڪا فصلن ۽ گاهه، ٻوٽن جي وچ ۾ فرق ڪري سگهي ٿي، اهڙي ٽڪنالاجي جي ڪري جڙي ٻوٽين جي خاتمي لاءِ استعمال ٿيندڙ زرعي دوائن جي استعمال ۾ 90 سيڪڙو تائين گهٽتائي اچي سگهي ٿي.

ڄمڙ پيدا ڪرڻ هڪ اهڙي ٽيڪنالوجي آهي جيڪا ڄمڙ ۾ وڌيڪ برسات وسائڻ جي صلاحيت ۾ اضافو ڪري ٿي، جنهن وسيلي ٻنين ۾ فصلن جي پيداوار ۾ اضافو ٿئي ٿو. اهڙو طريقي ڪار اهڙن علائقن ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو، جتي زراعت جي لاءِ موجود پاڻي جا ذخيرا تمام گهڻو گهٽ آهن. مثال طور: زمبابوي ۽ مصر وغيره.

اين ايف يوميوچل انشورنس جي ڊائريڪٽر علي ڪيپر پاران ايگري ٽيڪ رپورٽ 2019ع ۾ لکيو آهي تہ 1960ع کان وٺي صوف جي باغن جي پيداوار ۾ 20 کان 50 ٽن وڌيڪ پيداور جو اضافو ٿيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ پيداوار ۾ غير معمولي واڌ جو سبب زرعي ٽيڪنالاجي جو استعمال آهي.

ايگري ٽيڪ جي مارڪيٽ قدر جي اصطلاح ۾ ايندڙ 6 سالن ۾ صنعت جو قدر اندازن 41،172.5 ميلن ڊالرن تائين پهچي ويندو.

2019ع ۾ اتر آمريڪا ايگري ٽيڪ مارڪيٽ جو سڀ کان وڌو حصص يافتہ هو. جڏهن تہ پارت ايگري ٽيڪ معاهدن ۾ 249 ميلن ڊالر جي محفوظ سيڙپڪاري ڪري چڪو آهي، اها سيڙپڪاري 2018ع جي ڀيٽ ۾ 80 سيڪڙو وڌيڪ آهي.

چين، فلپائن، ٿائي لينڊ، جاپان ۽ انڊونيشيا جهڙن گھڻيل آبادي وارن ملڪن پنهنجي زراعت جو مستقبل محفوظ بڻائڻ لاءِ ايگري ٽيڪ ٽيڪنالاجي کي استعمال واري ڪم تي سنجيدہ نوعيت وارا قدم کڻي رهيا آهن. چاڪاڻ تہ ڪجھ سالن اندر اها "ساوڪ بچايو جنگ" ۾ تبديل ٿيڻ واري آهي.

پاڪستان جي مقدمي جي صورت ۾ اها حقيقت آهي تہ پاڪستان جي معيشت بنيادي طور تي زراعت ۽ زرعي شين تي دارو مدار رکي ٿي. ان ڪري جيڪڏهن پاڪستان بين الاقوامي معيار تحت مقابلو ڪرڻ گھري ٿو تہ کيس ايگري ٽيڪ ۾ سيڙپاڪاري ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ان باوجود سموري ملڪ جي آبادگارن تائين اهڙي ٽيڪنالاجي بابت آگاهي بہ ناهي پهچائي وئي، پر ڪجھہ شروعات قدم هن خطي ۾ کنيا ويا آهن، جيڪي پاڪستان جي زراعت کي سهارو ڏيڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن.



اپرنڊڙ ايگري ٽيڪ شروعات ٽيڪنالاجي طورترقي يافتہ بڻجي چڪي آهي، جنهن سان پاڪستان م زراعت کي جديد طرز تي آڻڻ ۾ مدد ملي. Ricupt وٺ هڪڙي App آهي جيڪا موسم بابت اڳڪٿي ڪري ٿي ۽ مٽي جو جائزو وٺي ٿي.

ايڪوايگرو هڪ شرواعت آهي جيڪا اين اي ڊي يونيورسٽي جي هڪ شاگرد رملہ ڪليم شاهہ جو ڪارنامو آهي. هن ڄُهڙ جي نظامن ۾ هٿراڌو ذهانت جي بنياد تحت هڪڙي ڊوائس تيرا ڪئي آهي جيڪا مٽي جي هالت جو جائزو وٺي ٿي. ڊوائس آبپاشي جي صحيح وقت لاءِ تجويز مهيا ڪري ٿي، جنهن ڪري پاڻي کي 50 سيڪڙو تائين بچائي سگهجي ٿو.

جيڪڏهن پاڪستان ايگري ٽيڪ کي استعمال ڪري ٿو تہ اهو پاڻي کي بچائي سگهي ٿو ۽ 2025ع تائين ممڪنہ طورتي پاڻي جي پيدا ٿيندڙ سخت کوٽ سان منهن ڏئي سگهجي ٿو. ايگري ٽيڪ جي استعمال سان پنهنجي فصلن جي پيدوار ۾ پڻ اضافو آڻي سگهجي ٿو ۽ ان وسيلي آمدني ۾ پڻ اضافو ڪري سگهجي ٿو.

## هن مضمون ۾ استعمال ڪيل ذريعا

- اقوام متحده: "اقوام متحده جي پروجيڪٽس براءِ عالمي آبادي۔ 2030ع تائين 8.5 ارب تائين پهچڻ جو ڪاٿو" (2013ع)
- ووجيوڪس، استاد روس جي: "ايگريڪلچرل روبوٽڪس" (2019ع)
- تالا ديا، تانها: "زراعت ۾ هٿراڌو ذهانت" (2020ع)
- وان ڊربرگ، سائمن: " گڏيل سيشن جي تجزياتي رپورٽ" (2020ع)
- لوئزل، بينڪن: "عالمي صلاحيت وسيلي مقامي خودمختياري تائين" مذاڪرو (2021ع)
- عائشہ مسعود: "پاڪستان جي فرٽلائيزر سيڪٽر جي سيڙپڪاري ڪارڪردگي جو مطالعو" ريسرچ جنرل آف فنانس اينڊ اڪائونٽنگ (2014ع)

# پي اي سي ايڇ ايس ۾ رهائشي پلاٽن تي فليٽس/پورشن جي غير قانوني تعمير

وزارتِ هائوسنگ اينڊ ورڪس، پي اي سي ايڇ سوسائٽي، ايس بي سي اي، ڪي ڊي اي، آرڪيٽيڪٽس/انجنيئرز سمورا سازشي عناصر

سپريم ڪورٽ آف پاڪستان پاران سول پٽيشن نمبر 815_ :K/2016 ۾ حڪم ڏنو ۽ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي کي خاص هدايت ڪئي. حڪم نامي جي لاڳاپيل پيراگراف کي هتي نقل ڪيو وڃي ٿو.

”سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي رهائشي پلاٽن جيڪي رهائشي گهرن جي لاءِ مخصوص هجن، پلاٽي وارن پلاٽن مثال طور: ميدان ۽ بين پلاٽي وارن پلاٽن تي ڪنهن به گهڻ ماڙ عمارڪت جي تعمير جي اجازت نه ڏيندي ۽ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ڏنل اهڙن سموران اجازت نامن تي نظر ثاني ڪندي ۽ ڪنهن به اهڙي عمارت جيڪيا ڪراچي شهر جي اصل ماسٽر پلان جي برخلاف تعمير ڪيل آهي، ان جي اصل حالت ۾ بحالي کي يقيني بڻائيندي. ماحوليات کاتي سميت پيا حڪومت جا کاتا پڻ ڪراچي شهر کي ان جي اصلي ماسٽر پلان جي مطابق بحالي کي يقيني بنائيندا ۽ اهڙي ڪيل خلاف ورزي کي درست ڪرڻ گهرجي. سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي، ڪي ايم پي جي او تبدلي نه ڪيا ويندا ي پلاٽ يا ايراضي کي ان جي اصل استعمال سان ڪنهن بئي استعمال جي لاءِ تبديل ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي.“

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي اهڙي حڪم جي برخلاف رهائشِ پلاٽن تي فليٽن ۽ پورشن جي تعمير جي اجازت ڏئي رهي آهي. بنگلن جا پلاٽ گرائونڊ +2 ۽ گرائونڊ +3 جي فليٽ سائنس ۾ تبديلي /تعمير ڪيا پيا وڃن.

هن وقت شهر ۾ پاڻي ۽ گيس جي سخت کوٽ آهي. سيوريج لائينون پراڻيون ٿي چڪيون آهن ۽ پڃي پورا ٿيڻ جو شڪار ٿي رهيون آهن ۽ اهڙين بنيادي سهولتن ۾ اضافي لاءِ ڪنهن به قسم جون ڪوششون نه ٿيون ڪيون وڃن.


ڪي بي ٽي آر پي 200 (ريگيوليشن 2–25) ۾ واضع ڪيو ويو آهي ته رهائشي پلاٽن تي ڪنهن قسم جي تعمير جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي.

25–2.1 وڏين عمارتن جا معيار

سمورين رهائشي گهرن/ بنگلن/ عمارتن، سواءِ انهن پلاٽن جي جيڪي شق 9_25 جي تحت ايندا هجن، هيٺ ڄاڻايل معيارن جي پاسداري ڪندا. تنهن هوندي 399 چورس گز ايراضي تائيند جي پلاٽن ۾ شيڊيول ٽي پي آر_2002 ۽ 9_اي/ ڪي بي ۾ مهيا ڪيل اضافي ماڙ جي فيس جي ادائيگي کان پوءِ بئي ماڙ جي تعمير جي اجازت ڏئي سگهجي ٿي.

ڪي بي ٽي پي آر 2002 جي مطابق مقرر ڪيل تعميراتي علائقا

| پلاٽ جي ايراضي | تعميراتي ايراضي | تناسب | گهٽ ۾ گهٽ سامهون وارو ڪليل علائقو | گهٽ ۾ گهٽ طرفن کان کليل علائقو | گهٽ ۾ گهٽ پوئتان کليل علائقو |
|---|---|---|---|---|---|
| 59 چورس گز (49.5 چورس ميٽر) | 85 سيڪڙو | 1:2 | _ | _ | _ |
| 60 کان 119 چورس گز | 70 سيڪڙو | 1:2 | _ | _ | _ |
| 120 کان 199 چورس گز | 70 سيڪڙو | 1:2 | 3 فوٽ | _ | 3 فوٽ |
| 200 کان 299 چورس گز | 65 سيڪڙو | 1:2 | 5 فوٽ (1.5 ملي ميٽر) | 5فوٽ هڪ طرف | 7 فوٽ (2.13 ميٽر) |
| 300 کان 399 چورس گز | 65 سيڪڙو | 1:1.8 | 5 فوٽ (1.5 ملي ميٽر) | 5 فوٽ هڪ طرف | 7 فوٽ (2.13 ميٽر) |
| 400 کان 499 چورس گز | 65 سيڪڙو | 1:1.3 | 7 فوٽ | 5 فوٽ | 7 فوٽ |
| 500 کان 599 چورس گز | 50 سيڪڙو | 1:1 | 10 فوٽ | 7 فوٽ | 7.5 فوٽ |
| 1000 چورس گز ۽ وڏيڪ | 50 سيڪڙو | 1:1 | 15 فوٽ | 7 فوٽ | 10 فوٽ |
| 3347.55 کان 4064.89 چورس گز | 50 سيڪڙو | 1:2 | 15 فوٽ | 7 فوٽ | 10 فوٽ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | • رهائشي پلاٽ تي پورشن/فليٽس جي تعمير جڏهن ته ايس بي سي اي پاران رهائشي بنگلي ٺاهڻ جي اجازت ڏني آهي. | • تي چڪيون آهن. شهري سهولتن ۾ اضفو لاءِ ڪنهن به قسم جو طريقي ڪار اختيار ناهي ڪيو ويو. |
